پارن لاء بائبل
تحفو



# حکمت وارو بادشاهه سلیمان

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ثيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ثاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

بادشاهه دائود خُدا جو وڏو ماڻهو هو. هن جي حڪمراني دوران، اسرائيل بادشاهه ساؤل جي بادشاهي کان ڏهه ڀيرا وڏو ٿي چڪو هو. پر هاڻي هو وڌيڪ حڪومت نه ڪري سگهيو ٿي. دائود پوڙهو هو. ۽ ٿڪجي ويو هو! ۽ بيمار هو! ڏرتيءَ تي سندس زندگي پڄاڻيءَ تي پهچي رهئي هئُي.





دائود جي ڪيترن ئي پٽن مان
هڪ، ادونيه، بني اسرائيل جي
ماڻهن کي ٻڌايو ته هو هاڻي
بادشاهه هوندو. جيتوڻيڪ هن جي
نالي جو مطلب آهي "منهنجو رب خُدا
آهي"، ادونيه سٺو ماڻهو نه هو. هن
تخت کي چوري ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي، هوچاڻيندوهو ته دائود ان
جي مزاحمت ڪرڻ لاء ڏاڍو
ڪمزور هو. پر خُدا جا
ٻيا منصوبا هئا!

دائود جي زال بت سبع کي
خبر هئي ته سندس پٽ سليمان
بادشاهه ٿيڻ گهرجي. هن دائود
کي ادونيه جي منصوبن بابت
ٻڌايو. جين ته هو بيماربه هو،
دائود پنهنجي اڳواڻن کي گڏ
ڪيو ۽ عام طور تي سليمان
کي اسرائيل جو بادشاهه بڻايڻ
جو اعلان ڪيو.



سليمان کي ادونيه سان وڏيڪ تڪليف نه هئي چاڪاڻ ته بني اسرائيلن دائود تي ايمان آندو. دائود انهن کي ٻڌايو ته سليمان ئي هو جنهن کي خُدا انهن جو بادشاهه چونڊيو هو. ٿوري عرصي کان پوءِ، دائود مري ويو.





دائود جي مرڻ کان اڳ، هن
سليمان سان خُدا جي فرمانبرداري
ڪرڻ ۽ سٺو بادشاهه هجڻ بابت
ڳالهايو. دائود پنهنجي پٽ کي چيو
ته ”خُدا جي رستن ۾ هلو، ته جيئن
تون هر ڪم ۾ ڪاميابي حاصل
ڪرين. اها سٺي صلاح هئي! پوءِ
سليمان پنهنجي پيءُ دائود جي
تخت تي ويٺو ۽ سندس بادشاهي
مضبوطيءَ سان قائم ٿي.

هڪ رات، سليمان هڪ خواب
ڏٺو. هن جي خواب ۾، خُدا هن
کي ظاهر ڪري ٿو ۽
چوي ٿو، "گھُر، مان
توهان کي ڇا
ڏيان؟" توهان
ڇا گھُري
سگهين ٿو؟



سليمان هڪ سٺو بادشاهه ثيڻ لاءِ
حڪمت طلب ڪئي. نوجوان بادشاهه
جي درخواست خُدا کي
راضي ڪيو. سليمان
جيڪو گهريو سو
مليو - پر خُدا پڻ
کيس وڏي دولت
۽ عزت جو
واعدو ڪيو.



سليمان جي حڪمت کي دريافت ڪرڻ ۾ ماڻهن کي گهڻو وقت نه لڳو. هڪ ڏينهن ٻه مائرون سندس اڳيان آيون، جن ۾ هڪ ٻار هو. "هيءَ عورت جو پٽ رات جو مري ويو، ۽ هن پنهنجي مئل ٻار کي منهنجي جيئري لاءِ مٽائي ڇڏيو،" هڪ عورت چيو. "نه! پر جيئرو منهنجو پٽ آهي ۽ مئل تنهنجو پٽ،" ٻئي عورت چيو. بادشاهه ڪيئن ٻڌائي سگهيو ٿي ته سچي ماءُ ڪهڙي هئي؟



تڏهن بادشاهه چوي ٿو ته مون کي تلوار آڻي ڏي. تنهنکري اهي تلوار بادشاه جي اڳيان کڻي آيا. توهان ڇا ٿا سمجهو ته بادشاهه تلوار سان ڇا ڪرڻ چاهيندو هو؟



۽ بادشاهه چيو ته جيئري ٻار کي ٻن حصن ۾ ورهايو ۽ اڌ هڪڙي کي ڏيو ۽ اڌ ٻئي کي. پوءِ جيئري  ٻار جي ماءُ چيو ته "اي منهنجا مالڪ، جيئرو ٻار هن کي ڏي ۽ ان کي هرگز ماريو نه."



پر ٻئي چيو ته "نه منهنجو
هجي نه تنهنجو، پر هن کي
ورهايو."





تڏهن بادشاهه چيو ته پهرين
عورت کي جيئرو ٻار ڏيو،
اها اصل ماءُ آهي. ۽ سڀني
بني اسرائيلن ان فيصلي جي
باري ۾ ٻڌو، ۽ اهي بادشاهه
جي وڏي وکاڻ ڪندا هئا.
انهن ڏٺو ته خُدا جي
حڪمت هن ۾ هئي.



بني اسرائيلن وٽ ڪوبه هيڪل نه هئي
جنهن ۾ خُدا جي عبادت ڪن. جڏهن دائود
انهي ڪي تعمير ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو،
ته خُدا چيو هو، "تنهنجو پٽ منهنجي نالي
لاء گهر ٺاهيندو." تنهن ڪري سليمان
يروشلم ۾ هڪ شاندار

هيڪل
ٺاهڻ شروع ڪيو.



هيڪل جي تعمير ۾ ستن
سالن جو ڊگهو عرصو
گذريو. پر اهو وڏو ڏينهن
آيو جڏهن هر ماڻهو ٻڌڻ
لاءَ آيو ته سليمان هيڪل

کي خُداوند جي
لاءِ وقف ڪري ٿو.


هڪ شاندار دعا ڪان پوءِ،
بادشاهه ۽ ماڻهن خوشيءَ
سان هزارين قربانيون ڏنيون
۽ ٻن هفتن تائين هڪ عظيم
دعوت هئي!



ان ڪان پوء، خُدا وري سليمان
ڏانهن ظاهر ٿيو ۽ واعدو
ڪيو ته ڪيس ۽ بني اسرائيل
کي برڪت ڏيندو جيستائين
اهي خُداوند جي
فرمانبرداري
ڪندا.



افسوس، نه سليمان ۽ نه ئي بني اسرائيلن هميشه
خُدا جي فرمانبرداري ڪئي. بادشاهه ڪيترن
ئي عورتن سان شادي ڪئي جن کي خُدا نه
چاهيندو هو ته هو شادي ڪري. هن جي
مشرڪ زالن هن جي دل کي بتن جي پويان
ڦيرايو؛ ۽ هن جي دل خُداوند پنهنجي خُدا سان
وفادار نه رهي، جيئن سندس
پيءُ دائود جي
دل هئي.



جڏهن ته سليمان خُدا جي فرمانبرداري ڪرڻ جو موقعو ضايع ڪيو، هن جي هڪ سردار يروبام نالي هڪ عجيب تجربو ڪيو هو. هڪ نبي کيس ٻڌايو ته خُدا سليمان جي بادشاهي کي ورهائيندو ۽ يروبام ٻارهن قبيلن مان ڏهن تي حڪومت ڪندو.

يروبام جلدي مصر ڏانهن ڀڄي ويو. هن کي خبر هئي ته سليمان کيس ماري ڇڏيندو جيڪڏهن هو رهي.





آخرڪار سليمان مري ويو. سندس پٽ، رحبعام، ماڻهن کان سليمان کان به وڌيڪ محصول ورتو. ڏهن قبيلن بغاوت ڪئي - ۽ يروبام کي پنهنجو اڳواڻ چونڊيو. سليمان جي عظيم بادشاهي ٻن حصن ۾ ورهايل هئي، جيئن خُدا جي نبي چيو هو. خُدا نافرماني کي برڪت نٿو ڏئي سگهي!

# حڪمت وارو بادشاهه سليمان

خُدا ڪان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

١ سلاطين ١. ١٢

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏئي."
زبور 119: 130

ختم

22

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۅ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۅ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.